# سنڌ آرڊيننس نمبر VII مجريه 1979
# SINDH ORDINANCE NO. VII OF 1979
# سنڌ ڪنزيومرس ڪائونسل (ڊزوليوشن) آرڊيننس، 1979
# THE SINDH CONSUMERS' COUNCIL (DISSOLUTION) ORDINANCE, 1979

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and Commencement

2. وصفون

Definitions

3. ڪائونسل جو خاتمو

Dissolution of Council

4. قاعدا

Rules

# سنڌ آرڊيننس نمبر VII مجريه 1979
# SINDH ORDINANCE NO. VII OF 1979

# سنڌ ڪنزيومرس ڪائونسل (ڊزوليوشن) آرڊيننس، 1979
# THE SINDH CONSUMERS' COUNCIL (DISSOLUTION) ORDINANCE, 1979

[14 مارچ 1979]

آرڊيننس جنهن ذريعي ڪنزيومرس ڪائونسل کي ٽوڙڻ واري عمل جي توثيق ڪئي ويندي ۽ ان جي اثاثن جي ڪتب آڻڻ جو اهتمام ڪيو ويندو.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ ڪنزيومرس ڪائونسل کي ٽوڙڻ واري عمل جي توثيق ڪرڻ ۽ ان جي اثاثن جي ڪتب آڻڻ جو اهتمام ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي.

هاڻي تنهن ڪري، 5 جولاءِ 1977 واري اعلان جنهن کي 1977 واري قانونن (نافذ هئڻ وارو تسلسل) واري حڪم، 1977 سان ملائي پڙهيو وڃي، ان جي روشني ۾ سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس، جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and Commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ ڪنزيومرس ڪائونسل (ڊزوليوشن) آرڊيننس، 1979 سڏيو ويندو.

(2) اهو فوري طور تي لاڳو ٿيندو ۽ ان جو اثر ڪنهن قانون يا قاعدن، يا باءِ لاز آئين يا ميمورنڊم آف ايسوسيئشن يا ڪنهن ڪورٽ جي فيصلي، حڪم يا ڊڪري تي نہ پوندو.

| | |
|---|---|
| 2. هن آرڊيننس ۾، جيستائين ڪجهه مضمون ۾ مفهوم جي متضاد نہ هجي تيستائين: | وصفون Definitions |
| (a) "ڪائونسل" مطلب 24 نومبر 1973 تي گورنمينٽ ليٽر No.1.5/104 ذريعي جوڙيل ڪمزيومرس ڪائونسل؛ | |
| (b) "بورڊ" مطلب 30 آڪٽوبر 1970 تي گورنمينٽ نوٽيفڪيشن No.S.O(Dev)-3-6/70 ۾ ڄاڻايل قيمتون مقرر ڪندڙ بورڊ. | |
| (c) "گورنمينٽ" مطلب سنڌ حڪومت. | |
| 3. (1) ڪائونسل کي گورنمينٽ ميمو No.E&A(SPSB)/18-9/74 مورخہ 25 آگسٽ 1977 موجب ختم ٿيل سمجهيو ويندو. | ڪائونسل جو خاتمو Dissolution of Council |
| (2) توڙيل ڪائونسل جا سمورا اثاثا ۽ ذميواريون ان جي ختم ٿيڻ تي، تبدل ٿي وينديون، جيئن بہ صورتحال هجي. | |
| (3) حڪومت ڪنهن بہ وقت تي هن آرڊيننس لاڳو ٿيڻ تي بورڊ کي اٿارٽي سان تبديل ڪري سگهي ٿي ۽ جيئن مناسب سمجهي، جيڪڏهن اهڙي اٿارٽي مقرر ڪئي وڃي ٿي تہ پوءِ ڪائونسل جا اثاثا ۽ ذميواريون هن ڏانهن منتقل ٿي ويندا. | |
| 4. هن آرڊيننس جي مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ حڪومت قاعدا جوڙي سگهي ٿي، جن مطابق ڪائونسل جي اثاثن جي استعمال جو طريقو پڻ شامل هوندو. | قاعدا Rules |

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**